# بزرگن جي

## غيبت کان نفرت

27-July-2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# بزرگن جي غيبت کان نفرت

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ به جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا ابو بڪر شِبلي بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا مان پنهنجي مرحوم پاڙي واري کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيا ڪئي مَا فَعَلَ الله بِكَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توسان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان چيو: مان سخت مُصِيبَتن ۾ هيس مُنڪَر نَڪِير جي سُوالن جا جواب به مونکي نہ اچي رهيا هئا، مون دل ۾ خِيال ڪيو تہ شايد منهنجو خاتمو اِيمان تي نہ ٿيو آهي ايتري ۾ آواز آيو تہ دُنيا ۾ زبان جي غير ضروري اِستعمال جي ڪري توکي اها سزا ڏني پئي وڃي، پوءِ عذاب جا

فِرِشتا مون ڏانهن وڌيا ته ايتري ۾ هڪ بُزُرگ جيڪي حُسن وجَمال جا پيڪر ۽ مُعطَّر مُعطَّر هيا اهي منهنجي ۽ عَذاب جي وچ ۾ رُڪاوٽ (Intervening) بڻجي ويا، انهن مون کي مُنکَر نَکِير جي سُوالن جا جواب ياد ڏيارا ۽ مون انهيءَ طرح جواب ڏنا، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عذاب مون کان هٽي ويو، مون ان بُزُرگ کي عرض ڪيو: الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: توهان جي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهڻ جي برڪت سان مان پيدا ٿيو آهيان ۽ مون کي هر مصيبت جي وقت تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي.

(اَلْقَوْلُ الْبَدِ يع، ص ٢٦٠)

آپ کا نام نامی اے صَلِّ عَلٰی
ہر جگہ ہر مصیبت میں کام آ گیا

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيترِيون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ انسان کي هڪ مُختَصَر وَقت جي لاءِ هڪ خاص مقصد يعني پنهنجي عبادت جي لاءِ دنيا ۾ موڪليو آهي، هاڻي انسان کي هن مُختَصَر وقت ۾ قبر و حشر جي وڏن مُعاملن جي لاءِ تياري ڪرڻي آهي، تنهنڪري انسان کي گهرجي تہ خوب خوب نيڪ عمل ڪري ۽ پنهنجي پاڻ کي هر قسم جي گناه کان بچائي، خاص ڪري زبان ذريعي ٿيندڙ گناهن کان چاڪاڻ تہ اهي گناه اسان جي معاشري Society ۾ ايتري قدر عام ٿي چڪا آهن جو ڪيئي ماڻهو انهن کي گُناه تصور ئي نٿا ڪن، انهن گناهن مان هڪ گناه "غيبت" بہ آهي جيڪو حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، اسان جا بزرگ سڳورا رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِمْ اَجْمَعِين غيبت کي گهڻو ناپسند ڪندا هئا، اهي حضرات پنهنجي پاڻ کي غيبت کان ايتري قدر پري رکندا هئا جو جتي ڪنهن

مسلمان جي غيبت ڪئي ويندي هئي اتي ويهڻ بہ پسند نہ ڪندا هئا، اچو! هن باري ۾ هڪ فڪر انگيز حڪايت پڙهون ٿا:

## دعوت ۾ غيبت جي حڪايت

حضرت سيدُنا ابراهيم بن اَدهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪنهن دعوت ۾ تشريف وٺي ويا، ماڻهن پاڻ ۾ چيو تہ فلاڻو شخص اجا تائين ناهي آيو، هڪ شخص چيائين: اهو ٿلهو تہ ڍاڍو سُست آهي، ان تي حضرت سيّدنا اِبرَاهِيم بن اَدهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجو پاڻ کي مَلامَت ڪندي فرمائڻ لڳا تہ افسوس منهنجي پيٽ جي ڪري مون تي اها آفت (Trouble) آئي آهي جو مان هڪ اهڙي مجلس ۾ پهچي ويو آهيان جتي هڪ مسلمان جي گلا ٿي رهي آهي، اتي اهو چئي واپس هليا آيا ۽ ان صدمي جي ڪري ٽن ڏينهن تائين ڪاڌو نہ ڪاڌائون. (تنبيه الْغافِلين ص٨٩)

اهڙي طرح حضرت سَيدُنا حَزم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا ميمون رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نہ پاڻ ڪنهن جي غيبت ڪندا هئا ۽ نہ ئي وري پنهنجي سامهون ڪنهن کي غيبت ڪرڻ ڏيندا هئا، پر جيڪڏهن ڪير غيبت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ هن کي منع فرمائي ڇڏيندا هئا هو مُڙي وڃي تہ نيڪ نہ تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اُتان اُٿي ويندا هئا . (حلية الاولياء،٣/١٢٧،رقم:٣٤١٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها مسلمان جي آبروريزي بلڪل برداشت نہ ڪندا هئا ۽ اهڙين ڪچهرين ۽ دعوتن کي بہ ڇڏي ڏيندا هئا جتي مسلمانن جي غيبتن جو سلسلو هجي. ڇا ڪڏهن اسان بہ ڪنهن غيبتن ڀري دعوت يا ڪچهري مان ”واڪ آؤٽ“ ٿياسين؟ ها، اتان هلڻ کان اڳ

۾ پهريان پنهنجي ڳالهه جو وزن ڏسڻو پوندو يعني جيڪڏهن هي ظنِّ غالِب هجي ته سمجهائڻ سان غيبت ڪرڻ وارا توبه ڪندا تڏهن ته انهن کي غيبت کان باز رکڻ، اسان تي واجِب ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن اهڙي صورت ناهي ته جهڙي طرح ممڪن هجي، غيبت ٻڌڻ کان بچو ۽ جيڪڏهن فِتني ۽ فساد جو خوف نه هجي ته اتان کان اٿي هليا وڃو. البت سمجهائڻ ۽ اٿڻ واري وٽ ايترو علم هئڻ ضَروري آهي، جنهن سان هو اهو طي ڪري سگهي ته واقِعي گناهن پري غيبت ٿي رهي آهي. هن حڪايت مان هي به معلوم ٿيو ته پرپُٺ ڪنهن کي "تلهو" ۽ "سُست" چوڻ به غيبت ۾ داخل آهي. تلهو ۽ سُست به الڳ الڳ لفظ (Words) آهن يعني جيڪڏهن ڪنهن ٿلهي متاري ماڻهو کي پرپٺ بلا اجازتِ شرعي ٿلهو چيو، تڏهن به غيبت آهي اهڙي طرح بِلا اجازتِ شرعي پرپٺ ڪنهن کي *سُست* ڪاهل *ٿوٽي *ڍِلو* ڪم چور* نڪمّو * گنوار* جاهل* اڻ پڙهيل *ڪم عقل* احمق *بيوقوف * نادان * چريو * وائيڙو * پاڳل * دير سان سمجهڻ وارو * گهٽ عقل وارو وغيره چوڻ به غيبت آهي.

مرے سرپہ عِصیاں کا بار آہ مولیٰ! بڑھا جاتا ہے دم بدم یاالٰہی
زمیں بوجھ سے میرے پھٹتی نہیں ہے یہ تیرا ہی تو ہے کرم یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علمِ دين کان دُوري ۽ جهالت جي سبب غيبت کان بچڻ ته رهيو پري، پر اڄ اسان جي اڪثريت کي ان جي وصف Definition تائين معلوم نه آهي، اچو! غيبت جي وصف ٻڌون ٿا: حضرت سيدُنا اِمام احمد

بن حَجَر مکي شَافِعِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ نقل ڪن ٿا: عالم سڳورا فرمائن ٿا: انسان ۾ موجود ڪنهن بہ قسم جي عيب کي بيان ڪرڻ غيبت آهي، پوءِ ڪٿي اهو عيب ان جي دين، دنيا، ذات، اخلاق، مال، اولاد، گهرواري، نوڪر، خادم، پٽڪي (عِمامي)، لباس اٿڻ ويهڻ، مسڪراهٽ، چريائپ، خوش اخلاقي ۽ بد اخلاقي وغيره ڪنهن بہ اهڙيءَ شيءِ ۾ هجي جنهن جو ان سان تَعلُّق آهي. **جسم جي لحاظ کان غيبت جا مثال**: انڌو، منڊو، گنجو، بِندرو، ڊِگهو،ڪارو وغيره چوڻ، **دين ۾ غيبت جا مثال**: فاسِق، چور، خيانت ڪرڻ وارو، ظالم، نماز ۾ سُستي ڪرڻ وارو ۽ پيءُ ماءُ جو نافرمان وغيره چوڻ. (اَلزّواجِرُ عَنِ اقْتِرافِ الْکبائِر،۲/۲۴)

**معلوم** ٿيو تہ انسان جي ڪنهن اهڙي عيب (Defect) جو ذِڪر ڪرڻ، جيڪو ان ۾ موجود هجي ۽ ان کي ان جي غير موجودگي ۾ بيان ڪرڻ کي غيبت چئبو آهي ۽ جيڪڏهن اهو عيب ان ۾ موجود نہ هجي تہ هي بهتان آهي جيڪو غيبت کان بہ وڏو گناهہ آهي، جيئن سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدارصَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اِستِفسَار فرمايو: توهان کي خبر آهي تہ **غيبت** چا آهي؟ عرض ڪيو ويو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻن ٿا، فرمايائون (تہ غيبت يعني ڳالا هي آهي تہ) تون پنهنجي ڀاءُ جو ذِڪر اهڙي طرح ڪرين جنهن کي اُهو ناپسند ڪندو آهي، عرض ڪيو ويو : جيڪڏهن اها ڳالهہ ان ۾ موجود هجي تہ؟ فرمايائون: جيڪا ڳالهہ تون چئي رهيو آهين، جيڪڏهن اها ان ۾ موجود آهي تہ تون ان جي غيبت ڪئي ۽ جيڪڏهن اها ان ۾ ناهي تہ تو ان تي بُهتان (Slander) هنيو. ( مسلِم،ڪتاب البر والصلة والآداب،باب تحريم الغيبة، ص۱۰۷۱،حديث: ۲۵۸۹)

ياد رکو! غيبت ڪرڻ گناهہ ڪبيره، قطعي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي،قرآنِ ڪريم ۾ ان کي مُري ويل ڀاءُ جو گوشت کائڻ جي برابر قرار ڏنو ويو آهي جيئن سيپاري 26سُوْرَۃُ حُجُرَات جي آيت نمبر 12 ۾ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عبرت نشان آهي :

وَ لَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ

(پ٢٦،الحجرات:١٢)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ هڪ ٻئي جي گلا نہ ڪريو. ڇا توهان مان ڪو پسند ڪندو جو پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي . اهو توهانکي نہ وڻندو .

هن آيت سڳوري تحت صدرُ الاَفاضِل حضرت علّامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مسلمان ڀاءُ جي غيبت بہ پسند نہ هئڻ گهرجي ڇوتہ ان کي پرپٺ بُرو چوڻ، ان جي مرڻ کان پوءِ ان جو گوشت کائڻ جي برابر آهي ڇاڪاڻ تہ جهڙي نموني ڪنهن جو گوشت ڪٽڻ سان ان کي اِيذاء ٿيندو آهي، اهڙي طرح ان بابت بدگوئي سان قلبي تڪليف ٿيندي آهي ۽ درحقيقت آبرو(يعني عزت)گوشت کان وڌيڪ پياري آهي.

**"تفسير خزائن العرفان"** ۾ ان جو **شانِ نزول** ائين بيان ڪيو ويو آهي تہ سيدِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن جِهاد جي لاءِ روانا ٿيندا هئا يا سفر فرمائيندا هئا تہ هر ٻن مالدارن سان هڪ غريب مسلمان کي گڏ ڪندا هئا، جيئن اهو غريب انهن جي خدمت ڪري ۽ اهي ان کي کارائين پيئارين اهڙي طرح هر هڪ جو ڪم هلندو رهي، ائين ئي هڪ موقعي تي حضرت سيّدنا سَلمان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ٻن

ماڻهن سان گڏ ڪيا ويا. هڪ ڏينهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ننڊ وٺي وئي ۽ ڪاڌو تيار نہ ڪري سگهيا تہ انهن ٻنهي ان کي ڪاڌي طلب ڪرڻ جي لاءِ بارگاهِ رِسالت ۾ موڪليو، سرڪارِ مَدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جا "خادمِ مَطبَخ (يعني باورچي خاني جا خادم) حضرت سيّدنا اُسامہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ هئا. انهن وٽ بہ ڪاڌو ختم ٿي چڪو هو انهي ڪري، انهن چيو: مون وٽ ڪجهہ بہ ناهي،جڏهن حضرت سيِّدُنا سَلمان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جن ٻنهي رفيقن کي اچي ٻڌايو تہ انهن چيو: اُسامہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جن کَنجُوسي ڪئي، جڏهن بَارگاهہ رِسالت ۾ حاضر ٿيا تہ سَرڪارِ نامدار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن(بِاِذنِ پروردگار عَزَّ وَجَلَّ غيب جي خبر ڏيندي ) فرمايائون "مان توهان جي وات ۾ گوشت جو اثر ڏسي رهيو آهيان" انهن عرض ڪيو تہ اسان تہ گوشت ڪاڌو ئي ناهي. فرمايائون: توهان غيبت ڪئي ۽ جيڪو مسلمان جي غيبت ڪري انهيءَ مسلمان جو گوشت ڪاڌو. (خزائن العرفان، پ٢٦،الحجرات،تحت الآية:١٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ قرآن ۽ حديث ۾ غيبت ڪرڻ کي پنهنجي مري ويل ڀاءُ جو گوشت کائڻ جهڙو بدترين فعل قرار ڏنو ويو آهي پر ان جي باوجود بدقسمتي سان اڄ ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ، زال مڙس، سَسُ نُنهن، سُهرو نياڻو، نڻان، ڀاڄائي، بلڪ گهر ڀاتي ۽ مائٽ ۽ پڻ استاد ۽ شاگرد، سيٺ ۽ نوڪر، واپاري ۽ گراهڪ، آفيسر ۽ مزدور، مالدار ۽ غريب،حاڪم ۽ محڪوم، دُنيَادار ۽ دِيندار، پوڙهو هجي يا جَوان مطلب اهو تہ سيني ديني ۽ دنياوي شُعبَن سان تعلق رکڻ وارن **مسلمانن جو وڏو انگ هن وقت غِيبت جي خوفناڪ آفت جي گهيري ۾ آهي.** افسوس صد ڪروڙافسوس!اڄائي بَڪ بَڪ جي عادت جي سبب اڄڪلهہ اسان جي ڪا مجلس (Gathering) عام طور تي **غيبت** کان خالي

ناهي هوندي، **ڪوڙسارا** پرهيزگار نظر اچڻ وارا ماڻهو بہ بِنا ڊپ جي **غيبت** ٻُڌندي، ٻُڌائيندي، مُرڪَندي ۽ حمايت ۾ مٿو لوڏيندي ها ۾ ها ملائيندي نظر ايندا آهن. ڇاڪاڻ تہ **غيبت** تمام گهڻي عام آهي ان جي ڪري عام طور تي ڪنهن جو ان پاسي ڌيان ئي ناهي هوندو تہ **غيبت** ڪرڻ وارو نيڪ پرهيزگارنہ، بلڪ فاسق، گنهگار ۽ جهنّم جي عذاب جو حقدار هُوندو آهي

اچو! هاڻي ڪجھ اهڙا جملا ٻڌون ٿا جيڪي اسان جي مُعاشري ۾ عام ڳالهايا ويندا آهن پر بِلا اِجازتِ شرعي ڳالهائڻ تي انهن جملن جو شُمار غيبت، تهمت، بدگماني يا وري چغلي جهڙن گُناهن ۾ ٿيندو آهي مثال طور *دنيادار * زال تي ظلم ڪري ٿو * قرضو قَبائي ورتو آهي *چور* خائن* بددِيانت *نڱ* پيسا کائي ويو آهي* خشڪ مزاج* سخت دل*بي وفا* ان جو تہ مالِ مفت دلِ بي رحم وارو حساب آهي* احسان فراموش آهي * پڳوڙو * وائيڙو * چريو * عقل جو انڌو آهي* ان جو عقل گاهہ چرڻ ويو آهي*ان جي دماغ ۾ پوسو پريل آهي * شڪي مزاج *وَهمي آهي *ڊيوٽي پوري ناهي ڏيندو * حرام جو مال کائي ٿو * مغرور * آڪڙ ڪندڙ * ان جو دماغ هر وقت آسمان تي رهي ٿو * لالچي * حريص(Greedy)*بخيل * ڪنجوس مکي چُوس آهي* ڪنهن جي هلڻ ناهي ڏيندو * ڪنهن کي اڳتي وڌڻ ناهي ڏيندو * پنهنجي ليڊري چمڪائي ٿو* پنهنجا نمبر ناهي ٿو * نخري باز *ضدي* جيڏانهن پيسو ڏٺو ان پاسي ٿي ويندو آهي * غريبن کي لفٽ بہ ناهي ڪرائيندو * خوشامدي آهي * هر معاملي ۾ ٽنگ اَڙائيندو آهي * وڏو بي لحاظ آهي، اڄ وري نماز ۾ ان جي موبائل وڄي رهي هئي * پاڻ کي وڏو عقل مند (Intelligent) سمجهي ٿو.* فُلاڻي جو

ذِهن مذهبي نہ آهي* اسان جي مسجد جي امام جي ڇا ڳالھ ڪيوتا هو تہ پگهاردار مولوي آهي* اسان جو مؤذن (يا فُلاڻو) پيسي وارن سان ترڪيبون ڪري ٿو* هو بي عمل آهي* ديني معلومات ڪان خالي آهي * ان ڪي نماز بہ نٿي اچي * ان ڪان تہ فُلاڻو وڏيڪ با عمل آهي* دنيا ڪي نصيحت ڪري ٿو ۽ گهر وارن ڪي آزاد ڇڏي ڏنو اٿس تنهنڪري تہ ان جي ڌيء يا ڀيڻ يا زال بي پرده گُهمي ٿي* ان ڪان تہ ڪيئي سنا پيا آهن * "مان مان" ڪري ٿو* پنهنجي منهن ميان مِنو بڻجي ٿو * پنهنجي تعريف ٻڌڻ جو وڏو شوق آهي* پنهنجي نالي جي پٺي اٿس* نالي خاطر ڪري ٿو * پنهنجي واھ واھ چاهي ٿو * خوشامد پسند آهي* گهڻو ٿلهو ٿي ويو آهي* اڳتي ويهڻ جو گهڻو شوق آهي * ان ڪي مُووي ۾ اچڻ جو گهڻو جذبو آهي* چُغُل خور * بہ رُخو *ڌوڪي باز *وعدي خِلافي ڪرڻ وارو آهي* ان غيبت ڪئي* تهمت لڳائي*بدگماني ڪئي * ڪوڙ ڳالهايائين * غَلط ڪم ڪيائين* لوفر * جُواري *شرابي(Drinker)* نَشَئِي * چرسي * ڀنگ جو موالي *هيروئني * اَفيمي * بدچلن، منهنجو پيء حلال حرام روزي جي پروا ناهي ڪندو * وڏو ياء بي نمازي آهي* ڀيڻ بي پرده آهي * منهنجا والدين پاڻ ۾ وڙهندا رهندا آهن * گهر ۾ ڪو بہ قرآن ناهي پڙهيل * ننديو ياءُ فلمون ڊِراما ڏسندو آهي* ڳالهيون تہ صوفياڻيون ڪندو آهي نماز هڪ بہ ناهي پڙهندو * ڪلھ تائين تہ هن وٽ چانھ پيئڻ جا پيسا نہ هئا اڄ ان وٽ مهانگي گاڏي خبر ناهي ڪٿان آئي ضرور مسجِد (يا مدرسي) جي چندي تي هٿ صاف ڪيو هوندائين! *تقرير ۾ پهريان پنهنجا قصيدا پڙهندو پوءِ موضوع (Topic) تي ايندو * هي تہ ٻين مقررن جو وقت بہ کائي ويندو آهي *

وڏي جلسي (ياجتماع) ۾ تہ خوب ڪڙڪندو آهي * جڏهن پنهنجو مطلب هو تہ وقت بي وقت فون ڪندو *مطلب نڪري ويو تہ وري حال تائين ناهي پڇيو * (پٽ جي لاءِ ماءُ چوي) جڏهن زال گهر ۾ هئي تہ روز فون (Call) ڪندو هو، هاڻي اسان کي ڪنگهي بہ نٿو *ان کي ايتري توفيق ڪٿي جو فون ڪري، جڏهن بہ ڪيو آهي، مون ئي ڪيو آهي*(ماءُ چوي) سهرن ۾ جيڪڏهن بہ ڏينهن فون نہ ڪري تہ بي چين ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي گهر مهينا گذري وڃن ڪو فڪر ئي ناهي *(ماءُ پيءُ چون) ٻين کي فون ڪرڻ جي لاءِ ان وٽ وقت بہ آهي ۽ پيسا بہ، اسان لاءِ هن وٽ ٽائم (Time) ئي ناهي* شادي کان پوءِ اسان کي بلڪل ئي وساري ڇڏيو اٿس* جاٽي واٽي فون ناهي ڪندو.* ڌانڌلي ڪري اليڪشن کٽي آهي* هن گهڻا ماڻهو مارايا آهن * بدمَعاش*دهشت گرد * ظالم (سرڪش) * ٺهالي ڪا بينڪن* پيسن جو بکيو آهي * فنڊ غريبن کي ڏيڻ بدران پاڻ کائي ويو * ووٽ وٺڻ وقت سائين سائين ڪندو آهي * هاڻي پڇا بہ نٿو ڪري *سرڪاري خزاني تي عيش ڪري رهيو آهي * اسان هن کي ووٽ ڏنا پر هن اسان جي لاءِ ڪجھ بہ ناهي ڪيو * وطن جو غدّار (Betrayer) آهي وغيره وغيره. اهڙي طرح جا هزارين جملا مختلف طبقن ۽ شعبن سان واسطو رکڻ وارا ماڻهو روز مره جي بُنياد تي ڳالهائيندا آهن يا وري ٻڌي ها ۾ ها ملائيندا آهن ۽ ائين پنهنجي اعمال نامي کي مسلمانن جي غيبتن، تهمتن، بهتانن ۽ چُغلين سان ڀريندا آهن.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه فرمائن ٿا: ڪيترائي ماڻهو انتهائي عجيب هوندا آهن ڳالھ ڳالھ تي خوامخواه اهڙي قسم جي تائيد طلب ڪندا آهن

www.dawateislami.net

ها ياءُ! ڇا سمجهين؟ ❁ منهنجي ڳالهه جو مطلب سمجهي ته وئين نه؟ پر ضرورت تحت شاگردن يا مَاتحتن، اُستاد يا بُزُرگ وغيره جو پڇڻ ڪڏهن ڪڏهن ته فائديمند به ٿيندو آهي، ته جيئن ڪنهن کي سمجهه ۾ نه آيو هجي ته سمجهائي سگهجي، اهڙن موقعن تي سمجهه ۾ نه اچڻ جي صورت ۾ سامهون واري کي ڪپي ته ڪوڙي ها ۾ ها نه ملائي❁ڪيئن ياءُ! نيڪ ته آهين؟ ❁ مان غلط ته نه ٿو چوان؟ ❁ ڪهڙو خيال آهي اوهان جو، پوءِ ڳالهه ڪٽي لکين پيرا ناقابلِ قبول هجي يا غيبت تي مشتمل هجي، پر ڪڏهن ڪڏهن مُروّت ۾ ها ۾ ها مِلائي ڪيترائي ڀيرا ڪوڙ ۽ غيبت جا گناهه ڪرڻا پوندا آهن، اهڙن ئي اجائي ڳالهين جي اَبُوالفُضُول ۽ ڳالهڙو ماڻهن جي اصلاح جي همت ناهي ٿيندي، ته پوءِ انهن کان مَيلن جا ميل پري رهڻ ۾ ئي ڀلائي آهي، ڇو جو انهن جي غِيبتن ۽ تُهمتُن ڀريل گناهن وارين ڳالهين ۾ به ها ۾ ها ملائڻ جي ڪري ڪٿي جهنم ۾ نه داخل ٿيو، ايتري تائين جو اهڙي قسم جا بَڪوَاسِي ماڻهو ته ڪڏهن گمراهي جون ڳالهيون ۽ ڪڏهن مَعَاذَالله ڪُفر بڪي به عادت مطابق حمايت حاصل ڪرڻ جي لاءِ، ڪيئن ياءُ صحيح پيو چوان؟ چئي ڪري سامهون واري کان ها چورائي ڪڏهن ڪڏهن ان جو به ايمان برباد ڪرائي ڇڏيندا آهن . ڇو ته هوش ۽ حواس ۾ ڪُفر جي تائيد به ڪُفر ئي آهي. اَلعِياذُبِالله عَزَّوَجَلَّ

**ياد رکو!** صرف غيبت ۽ چُغلي ڪرڻ ئي منع نه آهي بلڪ غيبت ۽ چُغلي ڪرڻ واري کان ڪنهن مسلمان جي غيبت ۽ چُغلي خاموشي، رِضامندي ۽ دِلچسپي سان ٻڌڻ به منع آهي.حديثِ پاڪ ۾ آهي ته

نبي ڪريم،رؤفٌ رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ڳاني ڳائڻ ۽ ڳاني ٻڌڻ کان، ۽ غيبت ڪرڻ ۽ غيبت ٻڌڻ کان، ۽ چغلي ڪرڻ ۽ چغلي ٻڌڻ کان منع فرمايو. (الجامع الصغير للسيوطي،ص۵۶۰،حديث:۹۳۷۸)

حضرت علامہ عبدُ الرؤف مُناوي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: **غيبت ٻڌڻ وارو بہ غيبت ڪرڻ** وارن منجهان هڪ هوندو آهي. (فيض القدير،۶۱۲/۳،تحت الحديث:۳۹۶۹)

يا رَبّ!نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں
اللہ زَباں کا ہو عطا قُفلِ مدینہ

## ڪتاب”غيبت جون تباه ڪاريون“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غيبت جهڙي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ واري ڪم جون وڏيڪ نحوستون هلاڪتون، تباه ڪاريون ۽ هن مُهلڪ (هلاڪ ڪرڻ واري) مرض کان نجات ماڻڻ جي طريقن جي معلومات حاصل ڪرڻ ۽ ان کان پاڻ بہ بچڻ، ٻين کي بچائڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي 504 صفحن تي مشتمل مايہ ناز ڪتاب ”غيبت جون تباه ڪاريون“ جو مطالعو (Study) ڪريو، هن ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ سان اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ غيبت ،چغلي،بهتان ۽ مسلمانن جي عيب جوئي کان بچڻ جي لاءِ اسان جي لاءِ ڪافي حد تائين مفيد ثابت ٿيندو، هن ڪتاب ۾ غيبت جا وصف ، غيبت جي ممانعت تي آيتن ۽ حديثن ۽ بزرگانِ دين جي فرمانن، غيبت ڪرڻ وارن جي دردناڪ عذاب جي واقعن، چغل خوري و تڪبر وغيره گناهن جي آفتن، غيبت جهڙي هلاڪت خيز مرض جو علاج، مسلمانن جا عيب لڪائڻ جا

فضائل، عيب ظاهر ڪرڻ جون وعيدون، مختلف موضوعن تي غيبت بابت ڪم وبيش 1800 يعني هڪ هزار 8 سو مثال ۽ ڪيئي مفيد مدني گل نهايت آسان ۽ تاثير ڪن انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ تان هديو ڏئي طلب ڪريو، پاڻ بہ هن جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Printout) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فقط پنهنجائي عيب ڏسو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غيبت کان بچڻ جو هڪ بهترين حل (Solution) هي آهي تہ جڏهن بہ ٻين جا عيب بيان ڪرڻ جي دل چاهي تہ ان وقت پنهنجن عيبن ڏانهن متوجهہ ٿي انهن کي پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، اها وڏي سعادت مندي جي ڳالهہ آهي تہ انسان ٻين جي عيبن کي ڇڏي پنهنجن عيبن کي پري ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃي. ❖ رحمت عالَم، نورِمجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو تہ **ان شخص جي لاءِ خوشخبري آهي جنهن کي ان جي عيبن (تي نظر) ٻين جا عيب تلاش ڪرڻ کان بچائي وني.** (اَلْفِرْدَوْس بماثور الْخَطّاب ج٢ ص٤٦، حديث: ٣٧٤٢)

❖ ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص ڪنهن مسلمان جي عيب پوشي ڪري تہ

خُداءِ ستّار عَزَّوَجَلَّ قِيامت جي ڏينهن ان جي عيب پوشي فرمائيندو. (بخاري،،كتاب المظالم والغصب، ۱۲۶/۲، حديث: ۲۴۴۲)

- حضرت سَيِدُنا عبدُ الله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُما جو فرمان آهي تہ جڏهن تون ڪنهن جا عَيب بيان ڪرڻ جو ارادو ڪرين تہ پهريائين پنهنجن عيبن ڪي ياد ڪندو ڪر. (موسوعه لِابْنِ اَبِي الدُّنْيا،۳۵۷/۴، رقم۵۶)

- حضرت سَيدُنا زيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اهو شخص ڪيترو عجيب آهي جنهن ڪي خبر آهي تہ مون ۾ فلاڻو عيب آهي، پوءِ بہ پنهنجو پاڻ ڪي سُٺو انسان ٿو سمجهي، جڏهن تہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڪي صرف شڪ (يا بُڌل ڳالهہ) جي بنياد تي خراب ماڻهو ٿو سمجهي. (تنبيه المغترين ص۱۹۷) (غيبت جون تباھ ڪاريون ،ص۲۸۴)

اَوروں کے عیب چھوڑ نظر خوبیوں پہ رکھ
عیبوں کی اپنے بھائی مگر خوب رکھ پرکھ

(غيبت کی تباه کارياں،ص۲۸۴)

## جهنم ۾ رڙيون ڪري رهيا هوندا!

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان تہ عيب پوشي جي فَضِيلت ۽ اَهمِّيت جي چا ڳالهہ ڪجي! جيڪو ٻين جي عيبن تي پردو وجهڻ ۽ بِلا وجہ شرعي ماڻهن جي اڳيان ظاهر نہ ڪرڻ وارن خوش نصيب جي عيبن تي خود الله ستّار وغفّار عَزَّوَجَلَّ پردو وجهندو. پر ياد رکو! جيڪا شيءِ آخرت جي لاءِ جيتري اهم (Important) ۽ مفيد هوندي، شيطان اوترو ان جي پويان لڳندو ان ڪري هو هرگز نہ چاهيندو تہ مسلمان هڪ ٻئي جا عيب ظاهر ڪرڻ ۽ غيبتون ڪرڻ کان باز رهن، شايد اهو

www.dawateislami.net

ئي سبب آهي تہ ماڻهن جي اڪثريت چغلي، تهمت، بدگماني، غيبت ۽ ٻين جي عيبن جو چرچو ڪرڻ ۾ مشغول آهي، ڪو ڪنهن جو عيب لڪائڻ جي لاءِ تيار ئي ناهي هوندو بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ فخريہ ٻين اڳيان بيان ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪڏهن عيب لڪائڻ جي توفيق ملي بہ وڃي تہ جيئن ئي ڪجھ ناراضي ٿي، تہ جيترا بہ **عيب** لڪائي رکيا هئائين اهي سڀ ئي هڪ دم ظاهر ڪري ويهندو آهي، هاءِ! خوفِ آخرت ختم ٿي ويو،يقيناً جهنم جي سزا سهي نہ سگھبي . **حضرت سيّدنا عِيسيٰ روحُ الله** عَلٰي نَبِيِّنَا وَعَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام فرمائن ٿا: تہ "**ڪيترائي صِحتمند بدن**، خوبصورت چهرا، ۽ مٺو ڳالهائيندڙ زبانون سڀاڻي جهنم جي طبقن ۾ رڙيون پيون ڪنديون!". (مُکاشَفۃُ الْقُلوب ص١٥٢)

## غيبت جون تباه ڪاريون هڪ نظر ۾

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!اسان جي عافيت انهيء ۾ آهي تہ اڄ ئي اسان پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ سچي توبہ ۽ آئنده چغلي ۽ غيبت وغيره گُناهن کان بچڻ جي پڪي نيت ڪري وٺون نہ تہ ياد رکو! غيبت جون تباهيون نهايت خطرناڪ آهن. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي 504 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**غيبت جون تباھ ڪاريون**" ۾ قرآن و حديث ۽ اقوالِ بُزرگانِ دين مان چونڊيل غيبت جون 20 تباھ ڪاريون بيان ڪيون آهن. اچو! ٻڌون ٿا ۽ غيبت کان بچڻ جي سچي پڪي نيت ڪيون ٿا:

۞ **غيبت** ايمان کي ڪَٽي ڇڏيندي آهي. ۞ **غيبت بُري** خاتمي جو سبب

آهي ۞ڪثرت سان **غيبت** ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي ٿيندي۞ **غيبت** جي ڪري نماز روزي جي نورانيّت ختم ٿي ويندي آهي.۞ **غيبت** سان نيڪيون برباد ٿينديون آهن۞ **غيبت** نيڪيون ساڙي ڇڏيندي آهي۞ **غيبت** ڪرڻ وارو توبهه ڪري به ڇڏي تڏهن به سڀني کان آخر ۾ جنّت ۾ **داخل** ٿيندو. مطلب ته **غيبت گناهِ ڪبيره، قَطعِي حَرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ** وارو ڪم آهي. ۞**غيبت** **زنا** کان سخت تر آهي ۞مسلمان جي **غيبت** ڪرڻ وارو وِياج کان به وڌيڪ گناهه ۾گرفتار آهي۞ **غيبت** ڪي جيڪڏهن سمنڊ ۾ وِڌو وڃي ته سمورو سمنڊ بدبودار ٿي وڃي ۞ **غيبت ڪرڻ** واري کي **جَهنّم** ۾ **ڏُونڊي** کائڻو پوندو ۞**غيبت** مُئل ڀاءُ جي گوشت کائڻ برابر آهي ۞**غيبت** ڪرڻ وارو قبر جي عذاب ۾ گرفتار ٿيندو ۞**غيبت** ڪرڻ وارو ٽامي جي ننهن سان پنهنجي چهري ۽سيني کي هر هر رهڙي رهيو هو ۞ **غيبت** ڪرڻ واري کي اُن جي پاسن کان گوشت ڪَٽي ڪَٽي کارايو پيو وڃي۞ **غيبت** ڪرڻ وارو قيامت ۾ ڪُتي جي شڪل۾ اٿندو۞ **غيبت** ڪرڻ وارو جهنّم جو باندَر هوندو۞**غيبت** ڪرڻ واري کي دوزخ ۾ پنهنجو ئي گوشت کائڻو پوندو۞ **غيبت** ڪرڻ وارو ٿهڪندڙ پاڻي ۽ باهه جي وچ ۾ موت گهرندو پيو ڀڄندو ۽ ان کان جهنّمي به بيزار هوندا۞**غيبت** ڪرڻ وارو سڀني کان اڳ ۾ جهنّم ۾ ويندو

جَلا دے نہ نارِ جہنّم کرم ہو
پئے بادشاہِ اُمم یا اِلٰہی

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”مدني دؤرو“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ دنيا ۾ زبان جو غيرضروري استعمال آخرت جي لاءِ ڪيتري قدر نقصان ڪار آهي ۽ مسلمانن جون غيبتون ڪرڻ جون ڪيتريون آفتون آهن، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ غيبت وغيره گُناهن جي آفتن کان پاڻ کي بچائڻ سان گڏوگڏ پاڻ ۾ نماز روزي جي پابندي ۽ سُنّتن تي عمل جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردَم وابستہ رهون ۽ 12 مدني ڪمن ۾ بہ وڌ کان وڌ حصو وٺون. 12مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”مدني دورو“ بہ آهي جنهن جي ذريعي گهرگهر، دڪان دُڪان ماڻهن وٽ وڃي انهن کي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي، نيڪي جي دعوت ڏيڻ تہ اهڙو اهم فريضو (Obligation) آهي جو تمام ئي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام بلڪ خود سَيدُالانبياء، محبوب خدا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بہ انهيءَ مقصد جي لاءِ دُنيا ۾موڪليو ويو هنن مقدس هستين مشڪلاتون ۽ تڪليفون برداشت ڪيون، پر نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان روڪڻ جي هن عظيم فريضي کي تمام سني طريقي سان ادا ڪيو، اسان کي بہ انبياءِ ڪرامعَلَيهِمُ السَّلَام ۽ سَيدُالانبياء صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن پياري پياري سُنّت تي عمل ڪندي هر هفتي ”مدني دورو“ ڪندي نيڪي جي دعوت ڏيڻ گهرجي، هي گهڻي ئي فضيلت وارو عمل آهي. جيئن تہ

حضرت مُوسيٰ عَلَيه السَّلَام بارگاهِ الٰهي عَزَّ وَجَلَّ ۾ عرض ڪيو، ياالله عَزَّ وَجَلَّ جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي سڏي، ان کي نيڪي جو حڪم ڏئي ۽ بُرائي کان منع ڪري ته ان جي جزا ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: مان ان جي هر ڳالهه تي هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياء ايندو آهي. (مکاشفة القلوب، باب في الامر و المعروف ،ص۴۸)

اسان کي کپي ته گُناهن کان بچڻ، خود نيڪيون ڪرڻ ۽ ٻين ۾ به نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃون بلڪ پنهنجي گهر ۾ مدني ماحول قائم ڪرڻ جي لاءِ 100 سيڪڙو اسلامي چينل يعني مدني چينل(Madani Channel) کي به نافذ ڪريو. اچو! ترغيب طور مدني چينل جي برڪتن سان مالا مال غيبت کان بچڻ بابت هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا :

## مدني چينل جي برڪت سان غيبت کان بچڻ جو جذبو

زم زم نگر حيدر آباد (باب الاسلام سنده پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه ائين آهي ته اسان جي گهر وارن تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو سؤ سيڪڙو اسلامي چينل يعني سنّتن ڀريي مدني چينل تي ”غيبت جون تباهه ڪاريون“ جي مَوضُوع تي هڪ مُبلِّغ دعوتِ اسلامي جو بيان ٻڌو. جنهن مُعاشري ۾ ڳالهائي ويندڙ غيبت جي لفظن ڏانهن به ڌيان ڏياريو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان بيان کي ٻڌي غيبت کان بچڻ جو ڏاڍو ذهن بڻيو، هڪ

پيري مون گهر ۾ اندر چيو تہ ”ننڍو ياءُ فلاڻي شيء کڻي اجا تائين ناهي پهتو وڏو سُست آهي“ تہ منهنجي امڙ سائڻ هڪدم منهنجي پڪڙ فرمائي تہ تون ان جي غيبت ڪري وڌي، ڇو تہ تو ان کي ”وڏو سُست“ چئي، ان جي بُرائي بيان ڪئي، ان ڪري مان جلد توبهہ ۽ معافي جي ترڪيب ڪئي، هاڻي گهر جي ياتين جي اها حالت آهي تہ ڳالهہ ڳالهہ تي هڪ ٻئي جو ڌيان ڇڪائن ٿا تہ هاڻي جيڪا ڳالهہ تي يا فلاڻو لفظ چيو ويو ڪٿي اها غيبت تہ ناهي؟

## غيبت کان ڪيئن بچجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غيبت جون تباهہ ڪاريون ۽ بزرگانِ دين جي غيبت کان نفرت جي باري ۾ پڙهي يقينن اسان جو بہ ذهن ٺهيو هوندو تہ اسان کي بہ غيبت کان بچڻ گهرجي پر سوال هي آهي تہ آخر غيبت کان پاڻ کي ڪهڙي طرح روڪيو وڃي؟ ان جي لاءِ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت ڪتاب”**غيبت جون تباهہ ڪاريون** “ جي صفحي 257 تي وڏي تفصيل سان **غيبت کان بچڻ جا 10 علاج** تجويز ڪيا آهن، اچو! مختصر طور پڙهون ٿا: ❖ دِيني مَشغلن ۽ دُنيا جي ضَروري ڪمن مان فَراغت کان بعد خَلوَت يعني تنهائي اختيار ڪريو يا صِرف اهڙن سنجيده ۽ سنّتن جي پابند اسلامي ڀائرن جي صُحبت حاصل ڪريو جنهن جون ڳالهيون خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي عَزَّ وَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ اضافي جو سبب ٿين ۽ اهي وقت بَوقت ظاهري بُراين ۽ بَاطني بيمارين جي ڄاڻ ڏين ۽ ان جو علاج بہ تَجوِيز ڪندا هجن.❖ **ذاتي دوستن** کان بلڪل پرهيز ڪئي وڃي، ڇو تہ اڄڪلهہ گهڻي قدر ماحول اهڙو ٿي ويو آهي جو جڏهن بہ ملي ٿئين جو مَنفِي (برو، Negative) ذڪر شروع ڪن ٿا تہ انتهائي نامُمڪن آهي جو **غيبتن**، چُغلين،

بدگمانين ۾ اِلزَام بازين کان بچي نکرن.❖ غيبت جو هي علاج بہ فائدي مند آهي تہ پنهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ هڪ دم ويهاريو تہ جڏهن ڪو منهنجي غيبت ڪندو آهي تہ مون کي تڪليف ٿيندي آهي، اهڙي طرح مان جنهن جي غيبت ڪندس ان کي بہ تہ اَذيت ٿيندي، تہ جيڪو ڪم مون کي پاڻ کي ناپسند آهي اهو بي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ ڇو ڪيان؟ ❖ **ڪنهن** دل کي ڏک پهچايو، سخت **ڪاوڙ** آئي ۾ صَبر جو دامن هٿ مان نڪري ويو ان سبب سان دل ڏکائڻ واري جي باري ۾ جيڪڏهن ڪنهن جي سامهون "**دل جي باهہ**" نڪرڻ لڳي تہ سمجهو جهنم جي باهہ ڳڏ ٿيڻ شروع ٿي وئي، هاڻي **غِيبت**، بُهتان، اِلزام بازين جهڙن **ڪَبِيره حَرام** گناهن جي ڪري دوزخ ۾پوڻ وارن ڪمن کان اوهان کي شايد ڪير بہ نہ بچائي سگهي ❖ **جڏهن ڪنهن** جي پر پُٺَ برائي ڪرڻ تي دل چاهي تہ **غيبتن** جي عَذابن کي ياد ڪيو. **مثال طور**: ٽامي جي نُنهَن سان پنهنجي چهري ۽ سيني کي چِلڻ وارو عذاب، پنهنجي ئي پاسن مان گوشت **ڪَٽي ڪَٽي ڪارائڻ جو عذاب** ۽ پڻ تصوُّر ڪريو تہ قِيامت جي ڏينهن پنهنجي مُئل ڀاءُ جو گوشت ڪاٽُو پوندو ۾ **غيبت** ڪرڻ وارو مُنهن خراب ڪري رڙيون ڪري ان کي ڪائيندو. هاڻي سوچيو تہ حَلال جانور جو **تازو گوشت بہ ڪچو** ڪائي ناهي سگهبو تہ مُئل انسان جو گوشت ڪيئن ڪائي سگهبو؟ ❖ پنهنجي نَفس تي بار وجهي مثال طور: جيڪڏهن غيبت ڪئي تہ 5 روپيا خيرات ڪندس، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! پنج روپيہ تہ ڪجهہ بہ ناهن، حضرت سيِّدنا وُهَيب بن وَرد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! منهنجي لاءِ غِيبت کي ڇڏڻ سُون جو جَبَل صَدقِي ڪرڻ کان بہ وڌيڪ پسنديده آهي. (تَنبِيہ الْمُغتَرِّين ص١٩٢) ❖ **سڀ کان** وڌيڪ

**غيبت** زبان سان ڪئي ويندي آهي ان ڪري ان کي قابوءَ ۾ ڪرڻ تمام ضروري آهي.❖ **جڏهن ڪنهن جي غيبت** ڪرڻ تي دل چوي تہ پاڻ کي ائين ڏيڄاريو تہ **قيامت** جي ڏينهن ڪيتري قدر **حَسرَت جو مَقام** هوندو، جيڪڏهن **غيبت** ڪرڻ جي ڪري منهنجون نيڪيون ٻين جي اعمال نامن ۾ ۽ انهن جي گناهن جو بارمنهنجي مٿي تي اچي پيو ۽ **غيبت** جي گناهہ جي ڪري فِرشتا مون کي جهنم ڏانهن وٺي ويا تہ منهنجو ڇا ٿيندو! ❖ جڏهن بہ ڪنهن جي عيبن کي ظاهر ڪرڻ تي دل چوي تہ ان وقت پنهنجن عيبن ڏانهن ڌيان ڏيو ۽انهن کي ختم ڪرڻ ۾ لڳي وڃو.❖ ڪنهن بہ مرض کان بچڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جي تباهہ ڪارين کي ڄاڻڻ فائديمند هوندو آهي، ان ڪري دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبۃُالمدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مُشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" حصي16، صفحي نمبر 169 کان182 ۽ اِحياءُ العُلُوم جلد 3 "غيبت کا بيان" ضرور پڙهو، دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل فيضانِ سنت جلد 2 جو هي باب "غيبت جون تباهہ ڪاريون" مڪمل پڙهڻ ڪانپوءِ وقت بوقت مُطالعي ۾ رکندا، خاص ڪري ان جو درس گهر جي اندر ضرور جاري رکو، ڇو جو اڄڪلهہ گهٽا گهر "غيبت خانہ" بڻيل آهن، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اوهان کي حيرت انگيز گهر جي درس جون برڪتون نظر ايندويون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس آئي ٽي

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ خدمتِ دين جو

ڪم ڪري رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ شعبو "**مجلس آئي ٽي**" به آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **مجلس** آئي ٽي (I.T) جو بنيادي مقصد انفارميشن ٽيڪنالوجي جي ذريعي سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح ڪرڻ ۽ انهن تائين درست اسلامي تعليمات پهچائڻ آهي. هن مقصد تحت "مجلس آئي ٽي" ڪمپيوٽر استعمال ڪندڙن جي لاءِ **امامِ اهلسنت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي جڳ مشهور ترجمہ قرآن ڪنزُالايمان، سندن فتوائن جو مجموعو "فتاويٰ رضويہ"، سوين ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ۽ مواد ڪاپي (Copy) ڪرڻ جي سهولت سان آراستہ "**المدينہ لائبريري**" ۽ سڄي دنيا ۾ نمازن جي درست اوقات جي معلومات جي لاءِ "**اوقاتِ نماز**"(Prayer Time) سافٽ وئيرز به متعارف ڪرايا آهن، ان جي علاوه موبائل فون تي شرعي مسائل جي حل جي لاءِ بي شمار تصديق شده فتوائن تي مشتمل "**دارُالاِفتا اَهلسنت**" تلاوتِ قرآن ڪرڻ يا ٻڌڻ جي سعادت جي لاءِ "اَلْقُرْاٰنُ الْكَرِيم" گهر ويهي تجويد ۽ قرأت سکڻ ۽ پنهنجي تلفظ کي درست ڪرڻ جي لاءِ "**مدني قاعده**"، 40 اسماءِ الٰهيہ تي مشتمل اوراد و وظائف سان روحاني، معاشي ۽ زندگي جا ٻيا مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ "**روحاني علاج**"، حج و عمري جي احڪام کي آساني سان سمجهڻ ۽ انهن کي بهتر طريقي سان سرانجام ڏيڻ جي لاءِ"**حج و عمره**"،شرعي مسائل سکڻ ۽ سمجهڻ جي لاءِ "**بهارِشريعت**"، چند لمحن ۾ سڄي ڏينهن جي مصروفيت جو محاسبو ڪرڻ جي لاءِ "**مدني انعامات** (نيڪ بڻجڻ جو نسخو) "،"علمِ دِين" جي قيمتي موتين سان مالا مال،منفرد ،معلوماتي ۽ دِلچسپ ايپلي ڪيشن"**ذهني آزمائش**"،

تنظيمي ذمہ دارين کي روزانہ جي بنياد تي ترتيب ڏيڻ، ڪارڪردگي جانچڻ ۽ هر مهيني باقاعدگي سان جمع ڪرائڻ جي سهولت جي لاءِ **”ڪارڪردگي“**، مدني چينل جا مختلف سلسلا براہ راست پنهنجي موبائل تي ڏسڻ جي لاءِ **”مدني چينل“** جهڙي انتهائي اهم، مفيد ۽ دلچسپ معلومات سان ڀرپور موبائل ايپليڪيشنز (Mobile Applications) تعارف ڪرائڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **”مجلس آئي ٽي“** جا تيار ڪيل سافٽ وئيرز مڪتبةُ المدينہ تان هديةً طلب ڪري سگهجن ٿا، اهڙي طرح تمام ايپليڪيشنز (Mobile Applications)، پلي سٽور (Play Store) تان اِنسٽال(Install) بہ ڪري سگهجن ٿا.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صَدرُالشّريعہ جي سيرت جا ڪجھ گوشا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذُوالقَعدِة الحَرَام جو مهينو (Month)شروع ٿي چڪو آهي، هن محترم مهيني جي ٻي رات جو دُنياءِ سُنّيت جي عظيم پيشوا، سُنّين جي رهبر ۽ رهنما، خليفہ اعليٰ حضرت، صاحبِ بهارِ شريعت، صدرُ الشريعہ، بدرُ الطريقہ حضرت علامہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن فاني دنيا مان وصال فرمايو. لهٰذا 2 ذُوالقَعدِة الحَرَام تي سندن عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي، اچو! انهيءَ مناسبت سان صدرُالشريعہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي سيرتِ

مُبارڪ بابت ڪجھ ٻڌون ٿا ۽ ائين الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي جي ذڪرِ خير سان برڪتون حاصل ڪيون ٿا.

## ابتدائي حالات

صدرُ الشَّريعہ بدرُ الطَّريقہ حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ١٣٠٠ھ مطابق 1882ع اوير يو پي (هند) جي علائقي مدينةُ العُلَمَاء گهوسي ۾ پيدا ٿيا . سندن والدِ ماجد حڪيم جمالُ الدّين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ۽ ڏاڏا حُضُور خُدا بخش رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فَنّ طِبّ جا ماهر هئا. اِبتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي حضرت مولانا خُدا بخش رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان گهر ۾ حاصل ڪئي پوءِ پنهنجي علائقي ئي ۾ مدرَسہ ناصرُ العلوم ۾ وجي گوپال گنج جي مولوي الٰهي بخش صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان ڪجھ تعليم حاصل ڪئي. پوءِ جُونپورپهتا ۽ پنهنجي سوٽ ۽ اُستاد مولانا محمد صديق رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان ڪجھ اَسباق پڙهيا پوءِ استاذُ العُلَمَاء حضرت علّامہ هدايتُ الله خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان علمِ دين جي وڏيڪ تعليم حاصل ڪئي ۽ هتان کان درسِ نظامي جي تعليم مڪمل (Completion) ڪئي . پوءِ دورهء حديث جي تڪميل پيلي ڀيت ۾ اُستاذُ الْمُحَدّثِين حضرت مولانا وصي احمد مُحَدّثِ سُورَتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه وٽان ڪئي.حضرت مُحَدّثِ سُورَتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي لائق شاگرد جي اعليٰ صلاحيتن جو اعتراف هنن لفظن ۾ ڪيو: **”مون کان جيڪڏهن ڪنهن پڙهيو آهي تہ اهو امجد علي آهي“.**

(تذڪرۂ صدر الشريعه، ص٥بتغير قليل)

## حُليہ مبارڪ

صدرُالشريعہ بدرُالطريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو

چهرو مبارڪ وَجِيہ (يعني پُر وقار) ۽ بارونق هو، گندمي رنگت ۽ ڪشاده پيشاني (Forehead) سان گڏ وڏيون ۽ چمڪدار اکيون هيون، سندن پرون گهاٽا ۽ ڏاڙهي مبارڪ بہ ڪافي گهاٽي هئي، جسمِ مُبارڪ پريل لَحِيم، شَحِيم ۽ ٺهڪندڙ ۽ خوشنما (Smart) هو سندن قد مبارڪ وچٿرو ۽ مُعتَدِل هو. (سوانحِ صدر الشريعه، ص١٠، ملخصاً)

## صدرُالشريعہ جا ڪارناما

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شريعت جي امام، طريقت جي چنڊ، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي سموري زندگي شريعت ۽ طريقت جي خدمت ۾ گذاري. پاڻ پنهنجي سڄي حياتي مبارڪ ۾ اهڙا ڪارناما انجام ڏنا جنهن تي اڄ بہ عقلِ عالَم، حيران آهي، اچو! سندن ڪجھ عِلمي ڪارنامن جي باري ۾ ٻڌون ٿا.

## بهارِ شريعت، فقہ حنفي جو انسائيڪلوپيڊيا:

صدرُالشريعہ، بدرُالطريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي علمي ڪارنامن ۾ سرِفهرست ”بهارِشريعت“ جي تصنيف آهي، اهو ڪتاب (Book) اُردُو زبان ۾ عقائد کان وٺي معاملات تائين تمام ضروري مسئلن کي پنهنجي اندر سمايل آهي ۽ خاص صدرُالشريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قلم مان سترهن (17) حصن تي مشتمل آهي، منقول آهي. فقہ حنفي جو مشهور ڪتاب "فتاويٰ عالمگيري" سوين عالم سڳورن عَلَيْهِم رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِيْن حضرت سيدُنا شيخ نظام الدّين مُلّا جِيوَن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نگراني ۾ عَرَبي زَبان ۾ ترتيب ڏنو پر قُربان وڃجي صدرُ الشَّريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تي جن اهو ئي ڪم اُردو زبان ۾ اڪيلي ئي ڪري

ڏيڪاريو ۽ مختلف اسلامي ڪتابن مان اهي مسائل چُونڊي چُونڊي بهارِ شريعت ۾ شامل ڪيا، جن تي فتويٰ ڏنو ويندو آهي نيز سوين آيتن ۽ هزارين حديثون بہ مُوضوع جي مناسَبَت سان لکيون آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تحديثِ نعمت جي طور تي خود ارشاد فرمائن ٿا: جيڪڏهن اورَنگزيب عالمگيربادشاه هن ڪتاب (يعني بهارِ شريعت) کي ڏسن ها تہ مون کي سون (Gold) ۾ تورن ها. (تذكرة صدر الشريعه، ص۴۵) يقينن هي اوهان جو پاڪ ۽ هند جي مسلمانن تي نهايت وڏو احسان آهي جو انهن ضخيم (وڏن وڏن) عربي ڪتابن ۾ پکڙيل فقهي مسئلن کي تحرير جي لڙي ۾ پوئي هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي. انسان جي پيدائش کان وٺي وفات تائين پيش ايندڙ هزارين مسئلن جو بيان "**بهارِ شريعت**" ۾ موجود آهي.انهن مان بي شمار مسئلا اهڙا پڻ آهن جنهن جو سکڻ هر اسلامي ڀاء ۽ اسلامي ڀيڻ تي فرضِ عَين آهي. بهارِ شريعت لکڻ جا سبب بيان ڪندي صدر الشريعهرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه لکن ٿا: اُردو زبان ۾ اجا تائين ڪو اهڙو ڪتاب تصنيف ناهي ٿيو، جيڪو صحيح مسائل تي مشتمل هجي ۽ ضَروريات جي لاءِ ڪافي هجي. (تذكرهٔ صدرالشريعه،ص۴۵،ملتقطاً)

انهي غرض سان پاڻ اهو عظيمُ الشّان ڪتاب تحرير فرمايو، پاڻ فرمائن ٿا: هن ڪتاب ۾ جيترو ممڪن ٿيو اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ عبارت نهايت آسان هجي جو سمجهڻ ۾ دِقّت(يعني مشڪل) نہ ٿئي ۽ گهٽ علم (حضرات) ۽ عورَتون ۽ ٻار بہ هن مان فائدو (Benefit) حاصل ڪري سگهن. (تذكرهٔ صدر الشريعه،ص۴۶) بهارِشريعت جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بهارِ شريعت جي ٻئي ٽئين، چوٿين حصي جو مطالعو فرمائي انهن

www.dawateislami.net

تي تقريظ بہ تحرير ڪئي آهي (يعني ڪتاب ۽ مصنف جي تعريف تي مشتمل پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي).

مُصَنّف بھی، مقرِّر بھی، فقیہِ عصرِ حاضر بھی
وہ اپنے آپ میں تھا اک اِدارہ علم و حکمت کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

بهارِشريعت ۾ مختلف هنڌ تي فرض عُلُوم سان گڏوگڏ، قرآني آيتن جا انوار، احاديثِ طَيِبَه جا گلزار ۽ هر حصي ۾ پکڙيل بي شمارخوشبودار شرعي مسائل پنهنجي مهڪ لٽائي رهيا آهن، يقينن هن ڪتاب کي پڙهڻ سان نہ صرف ڪيئي معاملن ۾ شرعي رهنمائي نصيب ٿيندي آهي بلڪ دل ۽ دماغ بہ روشن ٿيندو آهي، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ بهارِ شريعت جي هن عظيم عِلمي ذخيري کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِية جي مدني عالمن تَخريج ۽ تسهيل ۽ ڪٿي ڪٿي حَواشي لکڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي ۽ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ مڪمل ڪتاب **مڪتبةُ المدينہ** تان شائع ٿي منظرِ عام تي بہ اچي چڪو آهي. سادو ايڊيشن ٽن (3) جلدن ۾ ۽ رنگين جهيز ايڊيشن ڇهہ (6) جلدن ۾ مڪتبةُ المدينہ تان هديةً حاصل ڪري سگهجي ٿو . هن جي علاوه دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

الله عَزَّوَجَلَّ !دعوتِ اسلامي جي تمام مجلسن بشمول ”آئي ٽي مجلس “ کي سلامت رکي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آئي ٽي مجلس جي طرفان هاڻي تہ وڏيڪ سهولت فراهم ڪئي وئي آهي ۽ اها هي تہ **بهارِ شريعت** جهڙي مفيد ۽ ضروري ڪتاب هاڻي باقاعده موبائل ايپلي ڪيشن جي طور تي اچي وئي آهي، جنهن جي ذريعي نہ صرف پنهنجي ضرورت جا مسئلن جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو بلڪ درپيش مسئلي جو حل فوري طور تي تلاش بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وصال پُر ملال

حضرت علامہ قاري محمد مُصْلِحُ الدّين صدّيقي قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مُصنفِ بهارِشريعت، صدرُالشريعہ مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان گڏ مون کي مدينةُ الاولياء احمد آباد (هند) ۾ حضرت سَيِدُنا شاه عالم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دربار ۾ حاضري جي سعادت حاصل ٿي، انهن بنهي تختن هيٺ حاضر ٿي (مشهور آهي اتي دعائون قبول ٿين ٿيون) پنهنجي پنهنجي دل جون دعائون ڪري جڏهن اسان فارغ ٿياسين تہ مون پنهنجي پير و مرشد صدرُ الشريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي عرض ڪيو: حضور اوهان ڪهڙي دعا گهري؟ فرمايائون: هرسال حج نصيب ٿيڻ جي، مون سمجهيو اوهان جي دعا جو منشا اهو هوندو تہ جيستائين زنده رهان، حج جي سعادت ملي پر اها دعا خوب قبول ٿي جو انهيءَ سال حج جو ارادو ڪيو سفينہ مدينہ ۾ سوار ٿيڻ جي لاءِ پنهنجي وطن مدينة العلماء گهوسي (ضلع اعظم گڑھ هند) مان بمبئي تشريف فرما ٿيا، اتي

نمونيا ٿيو ۽ سفيني (Ship) ۾ سوار ٿيڻ کان پهريان ئي ١٣٦٧ هجري بمطابق 6 سٽمبر 1948ء، ذوالقعدة الحرام جي ٻي رات12 وڳي 26 منٽ تي اوهان لاڏاڻو ڪيو. اِنَّالِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْن . الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمين

مدینے کا مسافر ہند سے پہنچا مدینے میں
قدم رکھنے کی بھی نوبت نہ آئی تھی سفینے میں

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان زبان جي حفاظت ۽ غيبت جي تباھ ڪارين، وعيدن ۽ هولناڪين جي باري ۾ ٻڌو. مثال طور غيبت ڪرڻ وارو جهنم جو باندر هوندو.* غيبت ڪرڻ وارو سڀ کان پهريان جهنم ۾ داخل ٿيندو. * غيبت ڪرڻ واري کي دوزخ ۾ پنهنجو ئي گوشت کائڻو پوندو.*غيبت ڪرڻ وارو قيامت ۾ ڪتي جي شڪل ۾ اٿاريو ويندو.*غيبت ڪرڻ واري کي ان شخص جي پهلو مان گوشت ڪتي ڪارايو ويندو. *غيبت ڪرڻ وارو ٽامي جي نهنن سان پنهنجي چهري ۽ سيني کي هر هر ڇلي رهيو هوندو.*غيبت ڪرڻ وارو جهنم جي ٽهڪندڙ پاڻي ۽ باھ جي وچ ۾ موت گُهرندي ڀڄي رهيو هوندو ان کان جهنمي بہ بيزار هوندا. الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي غيبت کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ

سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءَ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

ان کی سنّت کا جو آئنہ دار ہے　　بس وُہی تَو جہاں میں سمجھدار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هلڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي"163مدني گل" مان هلڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

سيپاري 15 سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَ لَا تَمْشِ فِی الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَ لَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ۰

**ترجمو ڪنزالايمان: ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگھندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين.**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص بہ چادرون پائي تڪَبُّر

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو.[1] ◈ رسولِ اڪرم،نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلندا هئا ته ڪجهه اڳيان جي طرف جهڪي هلندا هئا ڄڻ ته پاڻ مٿانهين کان هيٺ پيا لهن.[2] ◈ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نه هجي ته رستي جي ڪناري ڪناري وچٿري رفتار هلو، نه ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين ته تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نه ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو ◈ رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنت ناهي، هيٺ نگاهه ڪري باوقار طريقي سان هلو. ◈ رستي تي به عورتون بينيون هجن يا وڃي رهيون هجن ته انهن جي وچ مان نه گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي[3] ◈ڪجهه ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته رستي تي هلندي جيڪا به شيء سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لکائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي به آهي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] …مُسلِم،کتاب اللباس والزینۃ،باب تحریم التبختر فی المشی...الخ،ص۱۱۵۶،حدیث:۲۰۸۸

[2] … الشمائل المحمدیۃ للترمذی،باب ما جاء فی مشیۃ رسول اللہ ، ص۸۷ ،رقم:۱۱۸

[3] … ابوداود ،کتاب الادب،باب فی مشی النساء مع الرجال فی الطریق، ۴/۴۷۰،حدیث:۵۲۷۳

www.dawateislami.net

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۾ 120 صفحن جو ڪتاب”**سنتين۽آداب**” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول، آئیں سنت کے پھول

دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

www.dawateislami.net

معاف ڪيا ويندا.(1)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(2)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِي ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(3)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابهَ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

www.dawateislami.net

هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

1 ...القول البديع، الباب الاول، ص125
2 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١
3 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد